# قرآني بيان

# نئين اسلامي سال

# جي ابتداء

# كيئن كيون؟



مدني مراكز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه
امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

**20-JUNE-2025**

## جمعة المبارک

FOR ISLAMIC BROTHERS

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
20 جون، 2025ء (23 ذوالحجةُ الحرام، 1446ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

# نئين اسلامي سال جي ابتداء ڪيئن ڪيون؟

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

✿.. يومِ عاشورا جون برڪتون

✿... گناھ پنهنجي جان تي ظلم آهي

✿... ڪيترين ئي قومون هيون جيڪي تباھ ڪيون ويون...!!

✿... مُحرمُ الحرام ڪيئن گذاريون؟

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)
FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786
GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

سيپارو: 22 سورت احزاب، آيت: 56 ۾ اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ وَ مَلٰٓىِٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ط يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾ (سيپارو: 22، احزاب: 56) | ترجمو ڪنزُالعرفان: بيشڪ اللّٰه ۽ ان جا ملائڪَ نبي تي درود موڪلِن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو. |

غوثِ زمان، حضرت عبدُالعزيز دَبّاغ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنت جي چوڏاري جيڪي ملائڪَ آهن، اهي هر وقت پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، مُحَمَّدِ عَرَبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ موڪليندا رهندا آهن، انهن جي درود جي برڪت سان جنت وسيع ٿيندي رهندي آهي، نه ملائڪ درود شريف کان غافل ٿيندا آهن، نه جنت وڌيڪ پکڙجڻ کان رڪجندي آهي.[(1)]

ذاتِ والا پہ بار بار درود
بار بار اور بے شمار درود
بے عدد اور بے عدد تسلیم
بے شمار اور بے شمار درود[(2)]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] …الابريز،الباب الحادى عشر فى الجنة و ترتيبها…الخ،صفحہ:489۔

[2] …ذوقِ نعت،صفحہ:123 ملتقطاً۔

اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِیْ كِتٰبِ اللّٰهِ یَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ مِنْهَاۤ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌؕ ذٰلِكَ الدِّیْنُ الْقَیِّمُ ﳔ فَلَا تَظْلِمُوْا فِیْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ

(سيپارو: 10، سوره توبه: 36)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## مُحَرّمُ الحرام جا ڪجھ فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لله! نئون اسلامي سال جلد ئي شروع ٿيڻ وارو آهي، ڪجھ ئي ڏينهن کان پوءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مُحَرَّمُ الْحَرام جو چنڊ نظر اچي ويندو. اَلحمدُلله! مُحَرَّمُ الحرام تمام گهڻو بابرڪت مهينو آهي. روايتن ۾ ان کي شَهْرُ اللّٰه يعني الله پاڪ جو مهينو به چيو ويو آهي. ۞ حديثِ پاڪ ۾ آهي: هڪ ڀيرو هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! رمضان کان علاوه مان ڪهڙي مهيني ۾ روزا رکان؟ فرمايائون: جيڪڏهن توکي رمضان کان پوءِ ڪنهن مهيني جا روزا رکڻا آهن ته مُحَرَّم جا روزا رکجانءِ، چو ته اهو الله پاڪ جو مهينو آهي.[1] ۞ هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: اَفْضَلُ الصِّيَامِ بَعْدَ رَمَضَانَ شَهْرُ اللّٰهِ الْمُحَرَّم يعني رمضان کان پوءِ سڀ کان افضل روزا ماهِ مُحَرَّم جا آهن، جيڪو الله پاڪ جو مهينو آهي.[2] ۞ هڪ روايت ۾ آهي: مُحَرَّم جو هڪ روزو 30 روزن جي برابر آهي.[3]

## يومِ عاشُورا جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! جيتوڻيڪ پورو ماهِ مُحَرَّم ئي تمام گهڻين برڪتن وارو آهي، پر ان جي 10 تاريخ جنهن کي يومِ عاشُورا چئبو آهي، ان جون

[1] ...ترمذی،کتاب الصوم،باب ما جاء فی صوم المحرم ،صفحہ:207 ،حدیث:741ملتقطًا۔

[2] ...مسلم،کتاب الصیام،باب فضل صوم المحرم،صفحہ:424 ،حدیث:1163۔

[3] ...معجمِ صغیر،صفحہ:664 ،حدیث:963۔

تمام گهڻيون برڪتون آهن. روايتن مطابق ۞ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام يومِ عاشُورا تي ئي زمين تي تشريف فرما ٿيا هئا.(1) ۞ انهيءَ ڏينهن حضرت نُوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي ٻيڙي جُودي جبل تي بيٺي هئي ۞ انهيءَ ڏينهن حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي ولادت ٿي هئي ۞ انهيءَ ڏينهن حضرت ادِّريس عَلَيۡهِ السَّلَام کي آسمان تي کنيو ويو هو ۞ انهيءَ ڏينهن حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي مدد ڪئي وئي هئي ۽ فرعون کي غرق ڪيو ويو هو ۞ انهيءَ ڏينهن حضرت يونس عَلَيۡهِ السَّلَام کي مڇيءَ جي پيٽ مان نجات ملي هئي ۞ حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام کي انهيءَ ڏينهن بادشاهت عطا ڪئي وئي هئي ۞ انهيءَ ڏينهن حضرت يُوسُف عَلَيۡهِ السَّلَام کوهه مان ڪڍيا ويا هئا ۞ انهيءَ ڏينهن حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جي ولادت ٿي هئي ۽ انهيءَ ڏينهن ئي سندن زنده آسمانن تي کنيو ويو هو.(2) ۽ ۞ انهيءَ ڏينهن ئي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري ڏوهٽي، نوجوانانِ جنت جي سردار حضرت امام حُسَين رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُ عظيمُ الشّان قرباني پيش ڪري دينِ اسلام جي لازوال خدمت انجام ڏني يعني واقعو ڪربلا بہ 10 محرم الحرام (يعني يومِ عاشُورا) تي ئي پيش آيو. بهرحال! هي تمام بابرڪت مهينو آهي. اسان کي هي مهينو ڪيئن گذارڻو آهي؟ نئين اسلامي سال جي ابتدا ڪيئن ڪرڻي آهي؟ ان حوالي سان اسان قرآنِ ڪريم جي هڪ آيتِ مبارڪ شروع ۾ پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اچو! ان جي وضاحت ۽ ان مان ملندڙ سبق پڙهون ٿا:

## آيتِ ڪريم جي مختصر وضاحت

عُلَماءِ ڪرام فرمائن ٿا: جاهليت واري زماني ۾ عربن جو دستور هو تہ اهي ماڻهو اسلامي مهينن کي پنهنجي مرضيءَ سان اڳتي پوئتي ڪري ڇڏيندا هئا، جو تہ اسلام جا ڪيترائي حڪم اسلامي مهينن سان لاڳاپيل

[1]...لطائف المعارف،وظائف شہراللہ المحرم،المجلس الثانی فی یوم عاشوراء،صفحہ:78۔

[2]...اسلامی مہینوں کے فضائل،صفحہ:14 ملتقطًا۔

آهن، مثال طور: ذوالحج جي مهيني ۾ حج ادا ڪيو ويندو آهي، ماهِ رمضان ۾ روزا فرض آهن، اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي اسلامي حڪم ۽ حلال ۽ حرام جو تعلق اسلامي مهينن سان آهي، جيڪڏهن مهينن ڪي ئي اڳتي پوئتي ڪيو وڃي تہ ڪيترن ئي اسلامي حڪمن ۾ تبديلي ٿي ويندي. ان ڪري جاهليت واري زماني جي ان جاهلاڻہ رسم کي ختم ڪيو ويو ۽ اسلامي مهينن جي ترتيب درست ڪئي وئي.(1) ارشاد ٿيو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ (سيپارو: 10، توبھ: 36) | ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ مهينن جي ڳڻپ الله وٽ. |

يعني اسلامي سال جنهن جي تاريخ ۽ مهينا چنڊ جي حساب سان بدلبا آهن، الله پاڪ وٽ ان جا ڪل مهينا ڪيترا آهن؟ فرمايائون:

| | |
|---|---|
| اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا (سيپارو: 10، توبھ: 36) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ٻارنهن مهينا آهن |

نہ 13، نہ 11 بلڪ پورا 12 آهن. وڌيڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ (سيپارو: 10، توبھ: 36) | ترجموڪنزُالعرفان: الله جي ڪتاب ۾. |

يعني انهن مهينن جي هيءَ ڳڻپ لوحِ محفوظ ۾ لکيل آهي، ڪڏهن کان لکيل آهي؟

| | |
|---|---|
| يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ (سيپارو: 10، توبھ: 36) | ترجمو ڪنزُ العرفان: جڏهن کان ان آسمان ۽ زمين بڻايا |

[1] ...تفسيرِ نعيمی، پاره:10، التوبہ، زيرِ آيت:36، جلد:10، صفحہ:293 - 294 خلاصۃً۔

سُبْحٰنَ اللّٰه! هي اسلامي مهينن جي فضيلت آهي. دنيا ۾ مهينن جي ڳڻپ ڪيترن ئي اعتبارن سان ڪئي ويندي آهي، جيئن اڄڪلهه عام طور تي عيسوي تاريخ کي مدنظر رکيو ويندو آهي پر اسلامي مهينن جي شان ڏسو! مهينن جي ڳڻپ جو هي سڀ کان قديم طريقو آهي تہ اللّٰه پاڪ زمين ۽ آسمان جي پيدائش کان ئي اهو مقرر فرمايو ۽ لوح محفوظ تي بہ اهو ئي لکيو آهي.

اَلحمدُ للّٰه! اسلام اسان کي انهن حقيقي، سڀ کان قديم ۽ اللّٰه پاڪ وٽ مقبول مهينن تي پنهنجا حساب رکڻ جي ترغيب ڏياري، ڪاش! اسان ان نعمت جي قدر ڪيون ۽ اسلامي مهينن جي اعتبار سان پنهنجي زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪيون.

خير! هي ڪل مهينا 12 آهن پر فضيلت ۾ هي سڀ برابر نہ آهن، بلڪ

| | |
|---|---|
| مِنْهَاۤ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ (سيپارو: 10، توبہ: 36) | ترجمو ڪنزُ العرفان: انهن مان چار مهينا حرمت وارا آهن. |

يعني (1): ذوالقعده (2): ذوالحج (3): مُحَرَّم ۽ (4): رجب، هي 4 مهينا تمام عزت وارا، تمام حرمت وارا آهن.(1)

| | |
|---|---|
| ذٰلِكَ الدِّیْنُ الْقَیِّمُ ۙ۬ (سيپارو: 10، توبہ: 36) | ترجمو ڪنزُ العرفان: هي سِڌو دين آهي |

يعني سال ۾ 12 مهينا هجڻ ۽ انهن ۾ 4 مهينن جو حرمت (يعني عزت ۽ احترام) وارو هجڻ، اهو ئي سڌو دين آهي، اها ئي ملتِ ابراهيمي آهي. مشهور مفسرِ قرآن، حڪيم الامت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه

[1]... تفسيرِ خازن،پاره:10، التوبہ،زيرِ آيت:36،جلد:4، صفحہ:357 ملتقطًا۔

فرمائن ٿا: ان ۾ ھي تعليم آھي تہ پنھنجي زندگي جا حساب انھن چند جي مھينن تي رکيا وڃن، ڇو تہ اھي ئي الله پاڪ کي محبوب آھن.[(1)]

ان کان اڳتي الله پاڪ انھن حرمت وارن مھينن کي گذارڻ جو طريقو ٻڌايو، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَلَا تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ (سيپارو: 10، توبھ: 36) | ترجموڪنزُ العرفان: پوءِ ھنن مھينن ۾ پنھنجي جان تي ظلم نہ ڪيو |

جيتوڻيڪ گناھ تہ ڪڏھن بہ ڪيو وڃي، گناھ ئي آھي، گناھ باھ آھي، جيڪو صرف نقصان ئي پھچائي ٿو، پر ھي 4 مھينا: (1): ذوالقعده (2): ذوالحج (3): مُحَرَّم ۽ (4): رجب. ھي تمام ئي عزت وارا مھينا آھن، انھن ۾ گناھ ڪرڻ تمام سخت جُرم آھي ۽ انھن ۾ نيڪين جو ثواب وڌي ويندو آھي، ان ڪري اي مسلمانو! خاص ڪري انھن 4 مھينن ۾ گناھ ڪري پنھنجي مٿان ظلم نہ ڪيو..!!

## گناھ پنھنجي جان تي ظلم آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! ھي قرآنِ ڪريم جي نرالي حڪمت آھي تہ قرآنِ ڪريم ۾ ڪيترن ئي ھنڌن تي گناھ کي ظُلْم عَلَى النَّفْس (يعني پنھنجي جان تي ظلم ڪرڻ) چيو ويو آھي. ھن مان اسان کي ھي سبق ملي ٿو تہ گناھ ڪندڙ جيتوڻيڪ ڪڏھن ڪڏھن اھو سمجھي رھيو ھوندو آھي تہ مان ڏاڍو چالاڪ آھيان ۞ اھو ٻين کي دوکو ڏئي ۞ ماپ تول ۾ گھٽتائي ڪري ۞ ڪوڙ ڳالھائي يا ڪوڙا قسم کڻي ۞ مال گڏ ڪري پاڻ کي چالاڪ سمجھي رھيو ھوندو آھي ۞ ٻين کي ستائڻ جو نالو بھادري رکي ڇڏيندو آھي پر حقيقت جي نگاھ سان ڏسو تہ اھو ڪنھن جو ڪجھ نہ بگاڙي رھيو آھي

---

[1]... تفسيرِ نعيمى،پاره:10، التوبہ، زيرِ آيت:36،جلد:10، صفحہ:293 - 295 ملتقطًا۔

بلڪ اهو پنهنجي مٿان ئي ظلم ڪري رهيو آهي تہ پنهنجي ڪمزور جان کي جهنم جو حقدار بڻائيندو پيو وڃي.

## افسوس! توهان پنهنجي قدر نہ ڃاتو!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ؕ (سيپارو: 10، توبھ: 111) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ الله مسلمانن کان انهن جون جانيون ۽ انهن جا مال هن بدلي خريدي ورتا آهن تہ انهن جي لاءِ جنّت آهي، |

مشهور صوفي بزرگ مولانا روم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان آيت جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: ڏسو! الله پاڪ توهان کي، توهان جي وقت، توهان جي جان، توهان جي مال ۽ ڪاروبار کي خريد ڪري ورتو تہ هي شيون ان جي راهہ ۾ (نيڪ ڪمن ۾) خرچ ڪريو تہ توهان لاءِ هميشہ رهڻ واري جنت آهي، الله پاڪ وٽ توهان جي اهڙي قيمت آهي، جيڪڏهن (گناهہ ڪري، الله پاڪ جي نافرماني وارا ڪم ڪري) پاڻ کي دوزخ جي بدلي وڪڻي ڇڏيو تہ پنهنجي مٿان ظلم ڪرڻ وارا آهيو.[1]

تُو بِه قِيمت وَرَائے دو جهانے
چِهٔ كُنَم قَدرِ خُود نَمِی دانے

مفهوم: توهان ٻنهي جهانن کان قيمتي آهيو پر ڇا ڪيون جو توهان پنهنجي ئي قدر نہ ڃاتو.

---

[1]…ڪتابُ فِيۡهِ مَا فِيۡهِ،الفصل الرابع: ڪرمنا بني آدم ، صفحه:47۔

## گناھ اللّٰہ پاڪ سان جنگ آھي

حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائيندا ھئا: اي ابنِ آدم! تنھنجي ھلاڪت ٿئي...! ڇا تون اللّٰہ پاڪ ڪان مقابلو ڪرڻ چاھين ٿو؟ ھا! ھا! جنھن اللّٰہ پاڪ جي نافرماني ڪئي، ڄڻ ان اللّٰہ پاڪ سان جنگ ڪئي.[1]

گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی! | بُری عادتیں بھی چُھڑا یاالٰہی!
خطاؤں کو میری مٹا یاالٰہی! | مجھے نیک خصلت بنا یاالٰہی![2]

## نافرماني لعنت وسڻ جو سبب آھي

پاره: 6، سُوره مَائِدَه، آيت: 78 ۾ اللّٰہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| لُعِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْۢ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى لِسَانِ دَاوٗدَ وَ عِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿۷۸﴾ (سيپارو: 6، المائدہ: 78) | ترجمو ڪنزُ العرفان: بني اسرائيل مان ڪفر ڪرڻ وارن تي دائود ۽ عيسيٰ بن مريم جي زباني لعنت ڪئي وئي، ھيءَ لعنت ان سبب ھئي جو انھن نافرماني ڪئي ۽ اھي سرڪشي ڪندا رھندا ھئا. |

ھن آيتِ ڪريمہ ۾ ٻڌايو ويو تہ بني اسرائيل نافرماني ڪئي، اھي ماڻھو گناھن ۾ حد ڪان وڌي ويا، اللّٰہ پاڪ جي حدن کي ٽوڙيائون تہ حضرت دائود ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِمَا السَّلَام انھن تي لعنت فرمائي. ان ڪري اھي ماڻھو عذاب ۾ گرفتار ٿيا. معلوم ٿيو:[3] اللّٰہ پاڪ جي نافرماني لعنت وسڻ جو سبب آھي.

---

1... عُيون الحكايات،الحكاية الخامسة عشرة مع الزہاد الاوائل،صفحہ:32 ـ

2... وسائلِ بخشش، صفحہ:100ـ

3... تفسيرِ نعيمی،پاره:6 ،المائده،زيرِ آيت:78 ،جلد:6 ،صفحہ:624 خلاصۃً ـ

## نافرمان تي الله پاڪ جي لعنت

حضرت وَهب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي، الله پاڪ انبياءِ بني اسرائيل مان ڪنهن نبي عَلَيْهِ السَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: جڏهن منهنجي اطاعت ڪئي ويندي آهي تہ مان راضي ٿيندو آهيان ۽ جڏهن مان راضي ٿيندو آهيان تہ برڪت ڏيندو آهيان ۽ منهنجي برڪت جي ڪا انتها نہ آهي ۽ جڏهن منهنجي نافرماني ڪئي ويندي آهي تہ مان غضب ڪندو آهيان ۽ جڏهن مان غضب ڪندو آهيان تہ لعنت ڪندو آهيان ۽ منهنجي لعنت ستن نسلن تائين پهچندي آهي.(1)

| | |
|---|---|
| گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی | ہائے! میں نارِ جَہَنَّم میں جلوں گا یارب! |
| عَفو کر اور سدا کے لئے راضی ہوجا | گر کرم کر دے تَو جنّت میں رہوں گا یارب!(2) |

## ڪيترين ئي قومن هيون جيڪي تباهہ ڪيون ويون...!!

افسوس! ۞ جيڪي الله پاڪ جي نافرماني ڪندا آهن ۞ گناهن تي اَڙيل رهندا آهن ۽ پنهنجي گناهن کي سنو ڏيکارڻ لاءِ طرح طرح جا بهانا ناهيندا آهن ۞ وياج کي منافعو (Profit) چئي چڙيندا آهن ۞ بي حيائيءَ کي جدت جو نالو ڏئي چڙيندا آهن ۞ بي پردگيءَ کي فيشن (Fashion) جو نالو ڏئي چڙيندا آهن، اهڙا نادان ٿورو اندازو تہ ڪن: ڪنهن جي نافرماني ڪري رهيا آهن...! اڄ من گهڙت ڳالهيون ڪري، زبان هلائي، گناهہ جو نالو بدلائي، ظاهري طور دل کي وڻندڙ لفظ ڳالهائي گندي ڪم کي ماڻهن جي نگاهہ ۾ سنو ڪري بہ وٺندا تہ ڇا الله پاڪ جي حضور حاضري نہ ٿيندي؟ ٿورو سوچيو تہ سهي! جنهن جَبّار ۽ قَهّار جي نافرماني ڪندا آهن، ڇا اهو ڏسندو نہ آهي؟ ڇا اعمال لکندڙ ملائڪ اسان جا اعمال لکي نہ رهيا آهن؟ جڏهن ائين آهي تہ پوءِ انهن دل وندرائيندڙ لفظن جو ڪهڙو فائدو...؟ گناهہ

---

1…اَلزّھد لامام احمد بن حنبل،زہد نوح عَلَیْہِ السَّلام،صفحہ:81،حدیث:289۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:85ملتقطاً۔

تہ آخر گناھ ئي آھي. گناھ جو انجام هميشہ عبرتناڪ ئي نڪرندو آھي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْۢ بَعْدِ نُوْحٍؕ وَ كَفٰى بِرَبِّكَ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِیْرًۢا بَصِیْرًا(۱۷) (سيپارو: 15، بني اسرائيل: 17) | ترجموڪنزُالعرفان: ۽ اسان نوح کان بعد ڪيترين ئي قومون هلاڪ ڪري ڇڏيون ۽ توهان جو رب پنهنجي ٻانهن جي گناهن جي گهٽي خبر رکڻ وارو آهي، ڏسڻ وارو آهي. |

الله! الله! اهي ڪهڙيون قومون هيون! انهن کي دنيا ۾ عزت ڏني وئي هئي، طاقت ڏني وئي هئي، اهي مالدار هئا، انهن جا وڏا وڏا طاقتور جسم هئا پر انهن نافرماني ڪئي، گناھ ڪندا رهيا، ڪندا رهيا، نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارن جي ڳالھ نہ ٻڌائون، ضدي بڻيا، گناهن تي اَڙيل رهيا، توبہ ڏانهن نہ آيا، آخرڪار خدائي قهار جو غضب متن نازل ٿيو ۽ انهن جو نالو نشان بہ دنيا مان مٽجي ويو.

## دليون اُبتيون ڪيون ويندڀون آهن

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جو فضل آهي، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪرم آهي تہ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ سندن امت کي رسوا نہ ڪندو آهي، اسان گناھ بہ ڪندا آهيون تہ اسان تي پهرين قومن وانگر اجتماعي عذاب نہ ايندا آهن، اسان جا چهرا نہ بگاڙيا ويندا آهن، هن امت کي پهرين امتن وانگر پولڙو ۽ خنزير نہ بڻايو ويندو پر ياد رکو! الله پاڪ جي نافرمانيءَ جو نتيجو تہ بهرحال نڪرندو ئي آهي. عُلَماء فرمائن ٿا: گذريل امتن جو عذاب جسماني خسف ۽ مسخ هو (يعني پهريون امتون نافرماني ڪنديون هيون تہ انهن کي زمين ۾ ڌٻايو ويندو هو، انهن جا چهرا بگاڙيا ويندا هئا، ڪو پولڙو بڻجي ويندو هو، ڪو خنزير بڻجي ويندو هو) پر هن امت جو عذاب روحاني ۽ نفساني خسف ۽ مسخ آهي،

پهرين جسم بدلبا هئا، هاڻي دليون بدلجي وينديون آهن.[1] الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَنُقَلِّبُ اَفۡـِٕدَتَهُمۡ وَاَبۡصَارَهُمۡ (سيپارو: 7، آنعام: 110) | ترجموڪنزُالعرفان: ۽ اسان انهن جي دلين ۽ اکين کي ڦيري ڇڏينداسين. |

الله پاڪ جي پناهه! الله پاڪ جي پناهه! ڪهڙي عبرت جي ڳالهه آهي، گناهه ڪرڻ سان، الله ۽ رسول جي نافرمانيءَ سبب دليون اُبتيون ڪيون وينديون آهن.

## دل اُبتي ٿي وڃڻ جون 3 نشانيون

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هي آيت ذڪر ڪري فرمائن ٿا: دل بگڙجڻ جون 3 نشانيون آهن: (1): اطاعت ۾ لذت نہ ملڻ (2): گناهه کان خوف نہ ڪرڻ (3): ڪنهن جي موت مان عبرت نہ پڪڙڻ.[2]

انهن ٽنهي نشانين کي سامهون رکي اسان پنهنجي دل جي حالت تي ٽورو غور ڪريون، اڄ اسان جي حالت ڪجهه اهڙي ٿي آهي ۞ گناهن ۾ اهڙي لذت ملندي آهي جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذري ويندا آهن، احساس تائين نہ ٿيندو آهي ۞ ها! نمازن ۾ اسان جي دل نہ لڳندي آهي۞فضول ڪمن ۾ مصروف هجون تہ وقت جي فڪر ئي نہ ٿيندي آهي۞تلاوت ڪرڻ ويهي وجون تہ ڪم ياد اچڻ لڳندا آهن۞رمضان المبارڪ تشريف وٺي اچي تہ ڪڏهن گرميءَ جو بهانو، ڪڏهن ڪم ڪار جي فڪر، هڪ تعداد آهي جن جي روزا رکڻ ڏانهن دل مائل ئي نہ ٿيندي آهي۞ ۽ ڪنهن جي موت مان عبرت پڪڙڻ جي حالت تہ اهڙي آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو جنازه گاهه ۾ بيٺا کلندا آهن، ڪرڪيٽ ميچ ۽ ملڪي سياست تي

---

[1]…تفسيرِ نعيمی، پاره:1،البقره، زيرآيت:66، جلد:1، صفحه:454 بتغير قليل۔

[2]…تفسيرِ نعيمی، پاره:1، البقره، زيرآيت:66، جلد:1، صفحه:454بتغير قليل۔

تبصرا ٿي رهيا هوندا آهن، افسوس! اسان جي دل جي هي نازڪ حالت، غفلت جا پردا، دل جي ڪاراڻ...!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي فڪر ڪرڻ گهرجي، ڪٿي ائين تہ نہ آهي جو گناهن جي نحوست اسان کي جڪڙي چڪي آهي، اسان جون دليون اُبتيون ڪيون ويون آهن ۽ اسان کي ان جو احساس تائين نہ آهي.

## نافرماني ذلت ۽ رسوائيءَ جو سبب آهي

اي عاشقانِ رسول! الله ۽ رسول جي نافرماني ذلت ۽ رسوائيءَ جو سبب آهي، جيڪو ٻانهو الله پاڪ جون نافرمانيون ڪندو رهندو آهي، توبہ نہ ڪندو آهي، الله پاڪ ڏانهن رجوع نہ ڪندو آهي، اهو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ذليل ۽ رسوا ٿي ويندو آهي ۽ بارگاهِ الاهيءَ ۾ ان جي ڪا اهميت باقي نہ رهندي آهي ۽ جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ ذليل ۽ رسوا ٿي وڃي، جنهن جي بارگاهِ رب العزت ۾ ڪا اهميت نہ رهي، ان کي ڪٿي بہ عزت نہ ملندي آهي. سيپارو: 17، سُوره حَج، آيت: 18 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَنۡ يُّهِنِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنۡ مُّكۡرِمٍ ؕ (سيپارو: 17، حج: 18) | ترجموڪنزُالعرفان: ۽ جنهن کي الله ذليل ڪري تہ ان کي ڪو عزت ڏيڻ وارو نہ آهي |

تفسير صراطُ الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: معلوم ٿيو تہ عزت ۽ ناموري ڪنهن قوم يا فرد جي ميراث نہ آهي تہ ڪو ٻانهو چاهي ڪيئن بہ ڪارا ڪم ڪندو وتي، پنهنجو اعمال نامو گناهن سان ڀري ڇڏي، ان جو ڪردار نافرمانين سان داغدار هجي، ان جي باوجود اهو عزت سان ئي زندگي گذاريندو... نہ! نہ! ائين نہ آهي بلڪ جيڪو پنهنجي اخلاقن ۽ ڪردار سان، نيڪ اعمالن سان، خيرخواهي ۽ همدرديءَ سان پاڻ کي عزت جو حقدار ثابت ڪندو آهي، الله پاڪ ان کي عزت ڏيندو آهي ۽ جيڪو

مسلسل نافرمانين ۾ مبتلا رهندو آهي، اهو ذلت جي گهري کڏ ۾ ڪيرايو ويندو آهي.(1)

## نافرمانيءَ ذليل ۽ رسوا ڪري ڇڏيو

حضرت جُبَيّر بن نُفَيّر رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْه فرمائن ٿا: جڏهن مسلمانن قُبَرُص کي فتح ڪيو، مون ڏٺو تہ صحابيءِ رسول حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اڪيلائيءَ ۾ وينا روئي رهيا هئا، مان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيم: عالي جاه! اڄ تہ الله پاڪ مسلمانن کي ڪافرن تي غلبو عطا فرمايو آهي (يعني اڄ خوشيءَ جو ڏينهن آهي) ۽ اوهان لڙڪ وهائي رهيا آهيو؟ حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: اي جُبَيّر! غور تہ ڪر...! جيڪو الله پاڪ جي نافرماني ڪندو آهي، اهو پنهنجي رب جي حضور ڪيترو بي قدر ٿي ويندو آهي. قُبَرُص جا رهواسي ڪيڏا غلبي ۽ عزت وارا هئا، انهن الله پاڪ جا حڪم ڇڏيا، پنهنجي رب ڪريم جي نافرماني ڪئي تہ انهن جو هي حال ٿيو (جو اڄ انهن کي شڪست ملي ۽ اهي ذليل ۽ رسوا ٿي ويا).(2)

## عزت صرف الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: عزت صرف ۽ صرف الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ آهي، جيڪو الله پاڪ جي نافرماني ڪندو آهي، اهو ذليل ۽ رسوا ٿي رهجي ويندو آهي. سيني مسلمانن جي امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا هڪ ڀيرو (نصيحت ڀريو) خط لکيو، ان ۾ فرمايائون: بيشڪ جيڪو ٻانهو الله پاڪ جي نافرماني ڪندو آهي، ان جي سزا ۾ ان شخص جي تعريف ڪندڙ ماڻهو ئي ان جون بُرايون ڪرڻ لڳندا آهن.(3)

1...تفسير صراط الجنان، پاره:17، الحج، زيرِآيت:18، جلد:6، صفحہ:418و419بتغير قليل

2...اَلزُّهد لِامام احمد بن حنبل،زہد ابی الدردا ء،صفحہ:182، حدیث:764ملتقطًا۔

3...اَلزُّهدلامام احمدبن حنبل، زُہد عائشہ رضی اللہ عنہا،صفحہ:211، حدیث:919۔

## گناه بدن کي ڪمزور ڪري ٿو

حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ٻانهو نيڪي ڪندو آهي تہ هي نيڪي ان جي دل ۾ نور ۽ بدن جي طاقت بڻجي ويندي آهي ۽ جڏهن ٻانهو گناهہ ڪندو آهي تہ هي گناهہ ان جي دل ۾ اونداهي ڪندو آهي ۽ بدن کي ڪمزور ڪري ڇڏيندو آهي.(1)

## نافرماني آفتن ۽ بلائن جو سبب آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| ظَهَرَ الْفَسَادُ فِی الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ اَیْدِی النَّاسِ لِیُذِیْقَهُمْ بَعْضَ الَّذِیْ عَمِلُوْا لَعَلَّهُمْ یَرْجِعُوْنَ ﴿۴۱﴾ (سيپارو: 21، الروم: 41) | ترجمو ڪنزُ العرفان: خُشڪي ۽ ترِيءَ ۾ فساد ظاهر ٿي ويو انهن برائين جي سبب جيڪي ماڻهن جي هٿن ڪمايون تہ جيئن الله انهن کي انهن جي ڪجھ ڪمن جو مزو چکائي تہ جيئن اهي مُڙي وڃن. |

الله اڪبر! معلوم ٿيو: الله پاڪ جي نافرماني ۽ گناهن سبب زمين ۾ فساد برپا ٿيندو آهي، قحط پوندو آهي، برساتون رڪجي وينديون آهن، فصل تباهہ ۽ برباد ٿيندا آهن، وبائون پکڙبيون آهن ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا فساد زمين ۾ ظاهر ٿيندا آهن.(2)

## جانور لعنت وجهندا آهن...!

حضرت مُجَاهِد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن قحط شدت اختيار ڪري وٺندو آهي، برساتون رڪجي وينديون آهن تہ جانور نافرمانن تي لعنت وجهندا

---

[1]...موسوعہ امام ابن ابی الدنیا، کتاب التوبہ، جلد:3، صفحہ:424، حدیث:197 ۔
[2]...تفسير صراط الجنان،پاره:21، الروم،زيرِ آيت:41، جلد:7، صفحہ:453 خلاصةً۔

آهن ۽ چوندا آهن: هي قحط سالي انسان جي گناهن جي ڪري آهي.[1]
اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! ان ڪان وڌيڪ ۽ ذلت ڇا هوندي تہ انسان اشرفُ المخلوقات آهي پر جڏهن هي گناهہ ڪندو آهي، ان جون نافرمانيون حد ڪان وڌي وينديون آهن تہ جانور جيڪي انسان ڪان ڪيترائي درجا گهٽ آهن، اهي بہ انسان کي برو ڀلو چوندا آهن. معلوم ٿيو: جيڪو نافرمان آهي، اهو پنهنجي فضيلت وڃائي ويهندو آهي ۽ انسانيت جي درجي مان ڪري ذلت جي کهري کڏ ۾ وڃي پوندو آهي.

## سال جي ابتدا سٺي نموني ڪيو!

بهرحال! پيارا اسلامي ڀائرو! اللّٰه ڪريم اسان کي حڪم ڏنو:

| | |
|---|---|
| فَلَا تَظْلِمُوْا فِیْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ (سيپارو: 10، توبہ: 36) | ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ هنن مهينن ۾ پنهنجي جان تي ظلم نہ ڪيو |

يعني انهن حرمت وارن چئن مهينن: ذوالقعده، ذوالحج، مُحَرَّم ۽ رجب ۾ هرگز هرگز گناهہ نہ ڪيو! ڇو تہ گناهہ ڪندڙ ڪنهن جو ڪجهہ بگاڙي يا نہ بگاڙي، پنهنجي جان تي ظلم ضرور ڪري ويهندو آهي. گناهہ نحوست ئي نحوست آهي. ۞ گناهہ جنت مان محرومي ۽ جهنم جي حقداري جو سبب آهي ۞ گناهہ ڪندڙ جڻ اللّٰه پاڪ سان جنگ ڪندو آهي ۞ گناهہ ڪندڙ تي لعنت وسندي آهي ۽ ۞ اللّٰه پاڪ معاف فرمائي! ڪڏهن هي لعنت 7 پُشتن تائين ويندي آهي ۞ گناهہ جي ڪري دليون اُبتيون ڪيون وينديون آهن ۞ گناهہ ذلت ۽ رسوائيءَ جو سبب آهي ۞ ۽ گناهہ ڪندڙ اهڙو بدنصيب آهي جو ان تي جانور بہ لعنت وجهندا آهن.

---

[1] ...تفسيرِ بغوی، پاره:2، البقره، زيرآيت:159، جلد:1، صفحہ:130۔

ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان هر وقت، هر لمحي، 24 ڪلاڪ، 30 ڏينهن، 12 مهينا بلڪ سڄي زندگي ئي گناهن کان بچندا رهون، پر حرمت وارن مهينن ۾ خاص طور تي گناهن کان بچڻو آهي، ڇو تہ انهن مهينن ۾ ڪيل گناهہ صرف گناهہ نہ بلڪ انهن مبارڪ مهينن جي بي قدري بہ آهي.
عُلَماء فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ اسلامي سال جو پهريون مهينو مُحَرَّم بہ حرمت وارو رکيو آهي، آخري مهينو يعني ذوالحج بہ حرمت وارو رکيو آهي ۽ انهن حرمت وارن مهينن ۾ گناهن کان بچڻ جو حڪم ڏنو، جيڪڏهن اسان انهن ٻن مهينن ۾ گناهن کان بچي وڃون تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سال جي ابتدا بہ سٺي ٿيندي، انتها بہ سٺي ٿيندي، انهيءَ جي برڪت سان اللّٰه پاڪ چاهيندو تہ سڄو سال نيڪين ڀريو گذرندو.[1]

## محرم الحرام توبہ جو مهينو آهي

حديثِ پاڪ ۾ آهي: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مُحَرَّمُ الحرام ۾ هڪ ڏينهن آهي جو ان ۾ اللّٰه پاڪ هڪ قوم جي توبہ قبول فرمائي ۽ ٻين جي توبہ بہ قبول فرمائيندو.[2]

سُبْحٰنَ اللّٰه! معلوم ٿيو: مُحَرَّمُ الحرام توبہ جو مهينو آهي. روايتن مطابق حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن زمين تي تشريف فرما ٿيا تہ اهو جيڪو سندن جنتي ميوو کائي ورتو هو، جيتوڻيڪ اهو گناهہ نہ هو پر

جن کے رُتبے ہیں سِوا اُن کی سِوا مشکل ہے

(جيڪي بلند رتبي وارا هوندا آهن، اهي پنهنجين ظاهري معمولي ڳالهين کي بہ وڏو سمجهندا آهن) ان ڪري حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ان تي توبہ ڪئي ۽ ڪيترن ئي سالن تائين روئندا رهيا، آخرڪار اللّٰه پاڪ ڪين توبہ قبول فرمائي، جنهن

[1]...لطائف المعارف،وظائف شہر الحرام ،المجلس الاول،الفصل الاول،صفحہ:47 و 48 ملتقطاً۔
[2]...مسند امام احمد ،جلد:1 ،صفحہ:433، حديث:1348۔

ڏينهن انهن جي هي توبہ قبول ٿي، اهو مُحَرَّم الحرام جو مهينو ۽ 10 تاريخ هئي.(1)

## گناهہ تي اَڙڻ شيطاني عمل آهي

عُلَماءِ ڪرام فرمائن ٿا: حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام گناهہ نہ ڪيو، انهن ڪان معمولي لغزش ٿي، اهي ان تي بہ سالن جا سال روئندا رهيا جڏهن تہ شيطان الله پاڪ جي سخت نافرماني بلڪ بارگاهِ اِلاهيءَ ۾ گستاخي ڪئي، ان تي بہ شرمسار نہ ٿيو، ابتو ضدي بڻيو، ان ڪري الله پاڪ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کي تاجِ خلافت سان نوازيو جو انهن کي زمين تي پنهنجو خليفو قرار ڏنو جڏهن تہ شيطان تي لعنت وسي.

ان ۾ سبق آهي تہ جيڪو حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي اولاد آهي، ان کي گهرجي تہ گناهہ تي اَڙي نہ وجهي، ضد نہ ڪري بلڪ الله پاڪ جي حضور سچي توبہ ڪري. ان ڪري اسان کي توبہ ڏانهن وڌڻ گهرجي.

## 3 ڀيرا دعاءِ مغفرت جي برڪت

امام اَبُو اللَّيۡث سمرقندي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: پهرين قومن ۾ هڪ شخص هو، ان تمام گهڻا گناهہ ڪيا هئا، هڪ ڀيرو هن پنهنجي گذريل زندگيءَ بابت سوچيو، گناهن بابت غور ۽ فڪر ڪيو (تہ ان کي شرمندگي ٿي، ندامت جي حالت ۾) هن 3 ڀيرا چيو: اَللّٰهُمَّ غُفۡرَانَكَ، اَللّٰهُمَّ غُفۡرَانَكَ، اَللّٰهُمَّ غُفۡرَانَكَ مولا! تنهنجي بخشش... الاهي! تنهنجي بخشش، اي الله پاڪ! تنهنجي بخشش. انهيءَ لمحي ان کي موت اچي ويو ۽ الله پاڪ ان جي بخشش فرمائي ڇڏي.(2)

الله پاڪ اسان کي سچي توبہ جي توفيق عطا فرمائي.اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...لطائف المعارف،وظائف شہر اللہ المحرام،المجلس الثانی فی یوم عاشوراء،صفحہ:78 ۔

[2]...تَنۡبِيۡهُ الۡغَافِلِين،باب التوبہ، صفحہ:53۔

# محرم الحرام ڪيئن گذارجي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! مُحَرَّم الحرام تشريف اچي رهيو آهي، نئون اسلامي سال شروع ٿي رهيو آهي، ان ڪري سال اچڻ کان پهرين پهرين سچي دل سان توبہ ڪري وٺو! ۞ مُحَرَّم شريف عبادت جو مهينو آهي، ان ۾ خوب عبادت ڪيو ۞ هي نفل روزا رکڻ جو مهينو آهي، رمضان کان پوءِ سڀ کان افضل روزا انهيءَ مهيني جا آهن، ان ڪري خوب نفل روزا بہ رکو ۞ گهٽ ۾ گهٽ 9 ۽ 10 مُحَرَّم يا 10 ۽ 11 محرم جو روزو تہ لازمي رکي وٺو، ڇو تہ رمضان المبارڪ جا روزا فرض ٿيڻ کان پهرين هي بہ روزا فرض هئا ۞ مُحَرَّم الحرام خاص ڪري ڪربلا جي عظيم شهيدن جي ياد ڏياري ٿو، ان ڪري انهن جي ايصال ثواب لاءِ ٿي سگهي تہ پهرين 10 ئي ڏينهن ۾ هڪ قرآنِ ڪريم ختم ڪريو! اهو نہ ٿي سگهي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ تلاوت تہ لازمي ڪريو، ڇو تہ قرآن جي تلاوت امام حُسَيۡن رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي پسنديده عبادت آهي، انهن جي شهادت کان پوءِ جڏهن انهن جو سر مبارڪ نيزي تي مٿي ڪيو ويو هو، تڏهن بہ سرِ مبارڪ مان تلاوتِ قرآن جو آواز اچي رهيو هو، اسان غلامانِ امام حُسَين گهر ۾، پنکي يا اي سي جي هيٺان آرام سکون سان ويهي بہ تلاوت نہ ڪريون...!! هي ڪهڙي غلامي آهي؟ ۞ پهرين (first) مُحَرَّمُ الحرام تي مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جو يومِ شهادت بہ آهي، ان ڪري انهن جي ايصالِ ثواب جو بہ خوب اهتمام ڪريو! ڪوشش ڪريو تہ پهرين (first) مُحَرَّم تي سيني گهر وارن کي گڏ ڪري شيخ طريقت، امير اهل سنت حضرت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو رسالو ڪراماتِ فاروقِ اعظم پڙهي ٻڌايو! اهڙيءَ طرح باقي ڏينهن ۾ حسيني گهوٽ، امام حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جون ڪرامتون وغيره پڙهي ٻڌايو! حسبِ توفيق نياز جو بہ اهتمام ڪري وٺو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون.

ان کان علاوه مُحَرَّمُ الحرام جا ٻيا بہ ڪيترائي نوافل ۽ اوراد ۽ وظائف آهن، مکتبۃُ المدينہ جو هڪ ڪتاب آهي: اسلامي مهينن جا فضائل. اهو حاصل ڪري وٺو! چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري وٺو! ان ۾ 12 ئي اسلامي مهينن جا فضائل ۽ انهن مهينن جون خاص عبادتون لکيل آهن.

## محرم الحرام جو هڪ خاص عمل

مُحَرَّم الحرام جو هڪ خاص عمل مان بہ عرض ڪريان ٿو: پهرين (first) مُحَرَّمُ الحرام تي بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 130 ڀيرا لکي (يا لکرائي) پاڻ وٽ رکي وٺو (يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبرائي پائي وٺو! ڌاتوءَ جي دٻيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جو تعويذ نہ پايو) اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ائين ڪرڻ سان عمر ڀر گهر سميت برائيءَ کان حفاظت رهندي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مدني قاعدو (Madani Qaida) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعدو .(Madani Qaida) ان ايپلي ڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جو آڊيو (Audio) شامل ڪيو ويو آهي يعني ان ايپلي ڪيشن ۾ اوهان مدني قاعدي جي جنهن حرف يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (Click) ڪندا، آڊيو (Audio) ۾ ان جو تلفظ هلندو، اهڙيءَ طرح ان ايپلي ڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي، ان جي مشق (Practice) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپلي ڪيشن پنهنجي

اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو.

## صحيح ڇا آهي؟

(صحيح شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پکڙيل غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: مُحَرَّم ۾ بہ نبين، ولين ۽ ٻين مسلمانن جي فاتحہ ڏياري سگهجي ٿي.

وضاحت: عوام ۾ مشهور آهي تہ مُحَرَّمُ الحرام ۾ صرف ۽ صرف ڪربلا جي عظيم شهيدن لاءِ ايصالِ ثواب ۽ فاتحہ وغيره پڙهي سگهجي ٿي، ان کان علاوه ڪنهن لاءِ بہ فاتحہ خواني، قرآن خواني وغيره نہ ٿي ڪري سگهي. هي بلڪل غلط ڳالهہ آهي ۽ شريعت تي ڪوڙ آهي. اعليٰ حضرت امامِ اهل سنت شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: مُحَرَّم وغيره هر وقت، هر زماني ۾ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ الله جي نياز ۽ هر مسلمان جي فاتحہ جائز آهي، جيتوڻيڪ خاص ڏهاڙي جي ڏينهن (يعني 10 مُحَرَّم) تي ٿئي هجي. جيڪو ان کي غلط چوي ٿو اهو شريعت تي ڪوڙ ٻڌي ٿو.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

### يَاحَكَمُ

جيڪو پنج ئي وقت هر نماز کان پوءِ 80 ڀيرا يَا حَكَمُ پڙهي وٺندو، ڪنهن جو محتاج نہ ٿيندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم![2]

1 ...فتاوىٰ رضويہ، جلد:24، صفحہ:499 بتغير قليل۔

2 ...مدنی پنج سورہ، صفحہ:250 ۔